

# صابر پوڙهو

سنڌي

پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: صابر پوڙهو

ڇاپو پهريون: جمادالثاني 1442هه جنوری 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڌي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه
مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي
جو اُردو زبان ۾ رسالو

# صابر پوڙهو

## پيشڪش

المدينة العلميہ اسلامڪ ريسرچ سينٽر (دعوت اسلامي)

## ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ:
ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

# فهرست

## صابر پوڙهو


دعاءِ عطار: ........................................ 1
درود شريف جي فضيلت ........................................ 1
صابر و شاڪر پوڙهو ........................................ 1
”صبر“ جي ٽن حرفن جي نسبت سان 3 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم . 6
صبر ۾ نماز سان مدد وٺو ........................................ 7
صبر جي تعريف ........................................ 8
صبر پيدا ڪرڻ جو طريقو ........................................ 8
صبر جا قِسم ۽ حڪم ........................................ 9
900 درجات ........................................ 10
”صبر“ جي ٽن حرفن جي نسبت سان صبر جي متعلق 3 حڪايتون .... 11
1. رضاءِ مولا اَزهمه اوليٰ ........................................ 11
2. ڪڪڙ، گڏھ ۽ ڪتو ........................................ 11
سڀ کان وڏو عبادت گذار ........................................ 12
هڪ ڪنڊو لڳڻ تي صبر جو اجر ........................................ 15
اسين آزمائيندا آهيون ........................................ 15
وڇوءَ جي ڏنگڻ تي صبر ........................................ 16
صبر ڪندڙن جا سردار ........................................ 16
رزق جي معاملي ۾ صبر ........................................ 16
صبر جو بلند ترين درجو ........................................ 17
موت جي دعا ڪڏهن گهري سگهو ٿا؟ ........................................ 19

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

# صابر پوڙهو

**دعاءِ عطار:**
يا ربّ المصطفيٰ! جيڪو 17 صفحن جو رسالو ”صابر پوڙهو“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي مصيبتن تي صبر ڪرڻ جو حوصلو عطا فرماءِ، اُن کي پُلصراط تان سلامتي سان گذار ۽ ان جي بي حساب بخشش ۽ مغفرت فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جنهن چيو اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ اَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ اُن جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي وئي. (معجم ڪبير، ج5 ص 25، حديث:4480)

فرمائیں گے جس وقت غلاموں کی شفاعت — میں بھی ہوں غلام آپ کا مجھ کو نہ بھلانا
فرما کے شَفاعت مری اے شافعِ محشر! — دوزخ سے بچا کر مجھے جنت میں بسانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صابر و شاڪر پوڙهو

عظيم تابعي بزرگ حضرت سيّدنا امام ابوعمروعبدالرحمٰن بن عَمرو اَوزاعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي هڪ بزرگ واقعو ٻڌايو تہ مان اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي تلاش ۾ صَحرائن، جهنگلن ۽ جبلن ۾ ڦرندو رهيس تہ جيئن انهن جي صحبت مان فيضياب ٿي سگهان. هڪ ڀيرو مان انهيءَ ارادي سان مصر ويس، جڏهن مصر جي ويجهو پهتس تہ ويران جڳهہ ۾ هڪ خيمو نظر آيو، جنهن ۾ هڪ اهڙو شخص وينو

هو جنهن جا هٿ، پير ۽ اکيون کوڙهه جي مرض سبب ضايع ٿي چڪيون هيون پر هن حالت ۾ به اهو الله پاڪ جو نيڪ ٻانهو هنن الفاظن سان پنهنجي ڪريم ربّ جي حمد وثنا بيان ڪري رهيو هو: اي منهنجا پاڪ پروردگار! مان تنهنجي اها تعريف ڪريان ٿو جيڪا تنهنجي سڄي مخلوق جي تعريف جي برابر هجي. اي منهنجا پاڪ پروردگار! بيشڪ تون سڄي مخلوق جو خالق (يعني پيدا ڪرڻ وارو) آهين ۽ تون سڀني تي فضيلت رکين ٿو، مان هن انعام تي تنهنجي حمد (يعني تعريف) ڪريان ٿو ته تو مونکي پنهنجي مخلوق ۾ ڪيئي ماڻهن ڪان افضل بڻايو.

اهو بزرگ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائي ٿو ته جڏهن مان هن شخص جي اها حالت ڏٺي ته مون دل ۾ چيو: الله پاڪ جو قسم! مان هن شخص کان اهو ضرور پڇندس ته ڇا حمد(الله پاڪ جي تعريف) جا اهي مبارڪ الفاظ توهان کي سيکاريا ويا آهن يا الله پاڪ جي طرفان تنهنجي دل ۾ وِڌا ويا آهن؟ جيئن ته انهيءَ ارادي سان مان ڪين وٽ ويس ۽ ان کي سلام ڪيو، ان منهنجي سلام جو جواب ڏنو. ۽ مون چيو: اي نيڪ ٻانها! مان توکان هڪ شيءِ جي باري ۾ سوال ڪرڻ چاهيان ٿو ڇا توهان مونکي جواب ڏيندؤ. اهو چوڻ لڳو: جيڪڏهن مونکي خبر هوندي ته اِنۡ شَآءَاللّٰه ضرور جواب ڏيندس. مون چيو: اها ڪهڙي نعمت آهي جنهن تي توهان الله پاڪ جي حمد ڪري رهيا آهيو ۽ اها ڪهڙي فضيلت آهي جنهن تي توهان شڪر ڪري رهيا آهيو؟ (حالانڪ توهان جا هٿ، پير ۽ اکيون وغيره ضايع تي چڪيون آهن).

اهو شخص چوڻ لڳو: ڇا توهان ڏسو نٿا ته منهنجي ربّ مون سان

ڪهڙو معاملو فرمايو؟ مون چيو: ڇوته مان سڀ ڪجهه ڏسي چڪو آهيان پوءِ چوڻ لڳو: ڏسو! جيڪڏهن الله پاڪ چاهي ها ته مون تي آسمان تان باهه وَسائي ها جيڪا مونکي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏي ها، جيڪڏهن اهو چاهي ها ته جبلن کي حڪم ڏئي ها ته اهي مون کي تباهه و برباد ڪري ڇڏين ها، جيڪڏهن الله پاڪ چاهي ها ته سمنڊ کي حڪم فرمائي ها ته هو مونکي غرق ڪري ڇڏي ها يا وري زمين کي حڪم ڏئي ها ته اها پنهنجي اندر دٻائي ڇڏي ها پر ڏسو، الله پاڪ مون کي هنن تمام مصيبتن کان محفوظ رکيو پوءِ مان پنهنجي ربّ ڪريم جو شڪر ڇو نه ادا ڪريان، الله پاڪ جي حمد ڇونه ڪريان؟ ۽ ان پاڪ پروردگار سان محبت ڇونه ڪريان؟ پوءِ اهو مونکي چوڻ لڳو: توهان ۾ هڪڙو ڪم آهي ، جيڪڏهن ڪيو ته توهان جو احسان ٿيندو، جيئن ته اهو چوڻ لڳو: منهنجو هڪ پٽ آهي جيڪو نماز جي وقتن ۾ ايندو آهي ۽ منهنجون ضرورتون پوريون ڪندو آهي ۽ اهڙي طرح افطاري جي وقت به ايندو آهي پر ڪالهه کان اهو مون وٽ ناهي آيو، خبر ناهي ڪهڙي حال ۾ هوندو، جيڪڏهن توهان اُن جي ڪا خبر چار وٺي اچو ته توهان جو احسان ٿيندو. مون چيو: مان تنهنجي پٽ جي ضرور ڳولا ڪندس ۽ پوءِ مان سڄي وات اهو سوچيندو هليس ته جيڪڏهن مون هن نيڪ ٻانهي جي ضرورت پوري ڪئي ته شايد انهيءَ نيڪي جي ڪري منهنجي مغفرت ٿئي وڃي.

جيئن ته مون ان جي پٽ جي ڳولا شروع ڪري ڏني، هلندي هلندي جڏهن وَاريءَ جي ٻن دڙن جي وچ ۾ پهتس ته منظر ڏسي مان **اوچتو رُڪجي** ويس. ڇا ٿو ڏسان ته هڪ خونخوار جانور هڪ ڇوڪري کي چيري ڦاڙي گوشت کائي رهيو آهي. مان سمجهي ويس ته اهو

چوڪرو انهيءَ شخص جو پٽ آهي، مون کي ان چوڪري جي وفات تي ڏاڍو افسوس ٿيو. ۽ مون اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ پڙهيو ۽ واپسي انهيءَ شخص ڏانهن اهو سوچي روانو ٿيس ته جيڪڏهن مون ان پريشان حال شخص کي ڪين پٽ جي موت جي باري ۾ يڪدم خبر ڏني ته ڪٿي پٽ جي موت جو بڏي ڪري صدمي ۾ ان جو به انتقال نه ٿي وڃين، آخر ڪيئن مان ان کي اها ڏکايل خبر ٻڌايان ته ان کي صبر اچي وڃي جيئن ته مان ان وٽ پهتس ۽ ان کي سلام ڪيم. ان جواب ڏنو، پوءِ مون ان کان پڇيو: مان توکان هڪ سوال ڪرڻ چاهيان ٿو ڇا تون جواب ڏيندي؟ هي ٻڌي اهو چوڻ لڳو ته جيڪڏهن مون کي معلوم هوندو ته اِنْ شَآءَاللّٰه ضرور جواب ڏيندس. مون چيو: توهان اِهو ٻڌايو ته الله پاڪ وٽ حضرت سيّدنا ايوب عَلَيۡهِ السَّلَام جو مقام و مرتبو وڌيڪ آهي يا اوهان جو؟ هي ٻڌي اهو چوڻ لڳو: يقيناً حضرت سيّدنا ايّوب عَلَيۡهِ السَّلَام جو مرتبو ۽ مقام ئي وڌيڪ آهي. پوءِ مون چيو: جڏهن پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام وٽ مصيبتون آيون ته سندن انهن وڏين وڏين مصيبتن تي صبر ڪيو يا نه؟ اهو چوڻ لڳو: حضرت سيّدنا ايوب عَلَيۡهِ السَّلَام صبر ڪرڻ جو جيئن حق هو ائين مصيبتن تي صبر ڪيو. اهو ٻڌي مان ان کي چيو: پوءِ توهان به صبر کان ڪم وٺو، ٻڌو! توهان پنهنجي جنهن پٽ جو مونسان ذڪر ڪيو هو ان کي خونخوار جانور کائي ڇڏيو آهي. اهو ٻڌي ان شخص چيو: الله پاڪ جي لاءِ تمام تعريفون آهن جنهن منهنجي دل ۾ دنيا جي حسرت وڌي. پوءِ اهو شخص روئڻ لڳو ۽ روئندي روئندي ان جو وصال ٿي ويو. مون اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ پڙهيو ۽ سوچڻ لڳس ته مان هن ويران جهنگل ۾ اڪيلو هن جي ڪفن دفن جو انتظام ڪيئن ڪندس، اجان مان اِهو سوچي ئي رهيو

هيس تہ اوچتو مون کي ڏهن ٻارهن سوارن جو هڪ قافلو نظر آيو. مون انهن کي اشاري سان پنهنجي طرف سڏيو تہ اهي مون وٽ آيا ۽ مون کان پڇيائون: توهان ڪير آهيو ۽ اها ميت ڪنهن جي آهي؟ مون سڄو واقعو ٻڌايو تہ اهي اتي ئي رڪجي ويا ۽ ان شخص کي سمنڊ جي پاڻي سان غسل ڏنائون ۽ ان کي اهو ڪفن پارايو جيڪو انهن وٽ هو پوءِ مونکي ان جي نمازِ جنازه پڙهائڻ جو چيائون تہ مون ان جي نمازِ جنازه پڙهائي، پوءِ اسان ان نيڪ شخص کي انهيءَ خيمي ۾ دفن ڪري ڇڏيو. انهن نوراني چهري وارن بزرگن جو قافلو روانو ٿي ويو، مان اتي ئي اڪيلو رهجي ويس، ڪافي رات ٿي چڪي هئي پر منهنجي دل اتان وڃڻ نہ پئي چاهيو، مونکي ان صابر و شاڪر بزرگ سان محبت ٿي وئي هئي، مان ان جي قبر پرسان ئي ويهي رهيس، ڪجهه دير کان پوءِ ننڊ اچي وئي تہ مون خواب ۾ هڪ نوراني منظر ڏٺو تہ مان ۽ اهو صابر شخص هڪ سائي قبّي ۾ موجود آهيون ۽ اهو صابر شخص سائو لباس پهريو ويهي قرآن ڪريم جي تلاوت ڪري رهيو آهي. مون ان کان پڇيو: ڇا توهان منهنجا اهي ئي دوست ناهيو جنهن تي گهڻيون مصيبتون آيون هيون ۽ اهو وصال ڪري ويو هو؟ ان مسڪرائيندي چيو: هائو! مان اهو ئي آهيان. پوءِ مون پڇيو: توهان کي اهو عظيم الشان مرتبو ڪيئن مليو ۽ توهان سان ڪهڙو معاملو ٿيو؟ اهو ٻڌي چوڻ لڳو: اَلْحَمْدُلِلّٰه! مونکي منهنجي ربّ ڪريم انهن ماڻهن سان گڏ جنت ۾ مقام عطا فرمايو آهي جيڪي مصيبتن تي صبر ڪندا آهن ۽ جڏهن انهن کي ڪا خوشي ملندي آهي تہ شڪر ڪندا آهن. حضرت سيّدنا امام اوزاعي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون جڏهن کان اُن بزرگ کان اِهو واقعو ٻڌو آهي تڏهن کان مان مصيبتن ۾ ڦاٿلن سان

گهٽي محبت ڪرڻ لڳو آهيان. (عيون الحڪايات، جلد 1/ص 149) **الله ڪريم جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

زباں پر شکوۂ رنج واَلم لایا نہیں کرتے
نبی کے نام لیوا غم سے گھبرا نہیں کرتے

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** الله پاڪ جي طرفان آيل آزمائشن تي شروع ئي کان صبر ڪرڻ تمام وڏي عبادت آهي ۽ ان جي توفيق خوش نصيبن کي ئي ملندي آهي، اسين الله پاڪ جا ڪمزور ٻانها آهيون، اسان ان کان آزمائشن جو نہ بلڪ هر معاملي ۾ عافيت، عافيت ۽ رڳو عافيت ئي جو سوال ڪريون ٿا. مصيبت ۾ ڪپڙا ڦاڙڻ، مٿي ۽ چهري تي هٿ هڻڻ، سينو ڪٽڻ، رڙيون دانهون ڪرڻ هي تمام ڳالهيون حرام آهن. (فيضانِ رياض الصالحين ي 321 مڪتبة المدينہ)

مُشکلوں میں مرے خدا میری
ہر قدم پر مُعاوَنت فرما
سرفراز اور سُرخرو مولیٰ
مجھ کو تُو روزِ آخرت فرما

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”صبر“ جي ٽن حرفن جي نسبت سان 3 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1) توهان جو ناپسنديده ڳالھ تي صبر ڪرڻ ۾ خيرِ ڪثير (يعني وڏي ڀلائي) آهي. (المسند للامام احمد بن حنبل،ج1 ص2)

(2) جڏهن مان پنهنجي ڪنهن ٻانهي کي سندس جسم، مال يا اولاد جي ذريعي آزمائش ۾ مبتلا ڪيان، پوءِ اهو صبرِ جميل سان ان جو استقبال ڪري تہ قيامت جي ڏينهن مون کي حياءُ ايندو تہ ان جي لاءِ ميزان قائم ڪيان يا ان جو اعمالنامو کوليان. (نوادر الاصول، الاصل الخامس والثمانون و المائة، ج2 ص 700، حديث:963)

(3) ”الله پاڪ فرمائي ٿو، جڏهن مان پنهنجي مؤمن ٻانهي سان اُن جي ڪا دنياوي پسنديده شيءِ وٺان، پوءِ اهو صبر ڪري ته مون وٽ ان جي جزا جنت ئي آهي. (بخاري شريف، 225/4، حديث:6424)

حضرت علامہ مولانا مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: هي حديث هر پياري شيءِ ڪي عام آهي، ماءُ پيءُ زال اولاد ايسيتائين جو پهريان واري تندرستي وغيره جنهن تي به صبر ڪندو اِنۡ شَآءَاللّٰه جنت ماڻيندو. لهٰذا اها حديث وڏي بشارت جي آهي. (مراة، ج505/2)

مُشکلوں میں دے صبر کی توفیق　　اپنے غم میں فقط گھُلا یا رب

(وسائلِ بخشش، 80)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**صبر ۽ نماز سان مدد وٺو**

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ 70 کان وڌيڪ ڀيرا ”صبر“ جو ذڪر ڪيو آهي دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينه جي ترجمي واري قرآن ”**ڪنزالايمان مع خزائن العرفان**“ صفحي 17 تي سيپاري 1 سُوۡرَةُالۡبَقَرَه جي آيت 45 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَاسۡتَعِيۡنُوۡا بِالصَّبۡرِ وَالصَّلٰوةِ ؕ وَاِنَّهَا لَكَبِيۡرَةٌ اِلَّا عَلَى الۡخٰشِعِيۡنَ ۙ﴿۴۵﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ صبرُ ۽ نماز کان مدد وٺو ۽ بيشڪ نماز ضرُور ڳرِي آهي مگر اُنهن تي (نہ آهي) جيڪِي دِل سان مُنهنجي طرف جُهڪندڙ آهن.

صدرالافاضل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدّين مراد آبادي رَحْمَۃُاللہِ عَلَیْہ هن آيت جي حوالي سان لکن ٿا: يعني پنهنجي حاجتن ۾ صبر ۽ نماز کان مدد وٺو (وڌيڪ فرمائن ٿا:) هن آيت ۾ مصيبت جي وقت نماز سان مدد وٺڻ جي تعليم بہ ڏني وئي آهي، ڇوتہ اها عبادتِ بدنيہ و نفسانيہ جي جامع آهي ۽ ان ۾ قرب الٰهي حاصل ٿيندو آهي. حضور اکرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهم امور جي پيش اچڻ تي نماز ۾ مشغول ٿي ويندا هئا، هن آيت ۾ اهو ٻڌايو ويو تہ مؤمنينِ صادقين (يعني سچي مسلمانن کان) علاوه ٻين تي نماز ڳري آهي. (خزائن العرفان، ص17)

## صبر جي تعريف

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! صبر جي معنيٰ آهي”روڪڻ“ اصطلاح ۾ ڪاميابي جي اميد سبب مصيبت تي بي قرار نہ ٿيڻ کي صبر چوندا آهن. (تفسيرِ نعيمي جلد 1 ص 299) ۽ صبرِ جميل اِهو آهي تہ مصيبت وارو ٻين ۾ سڃاتو نہ وڃي ۽ هن تائين وڏي عرصي تائين تمام گهڻي عبادت و رياضت ڪري پهچي سگهجي ٿو. (لباب الاحياء، ص308 مکتبة المدينہ)

## صبر پيدا ڪرڻ جو طريقو

حجة الاسلام حضرت سيّدنا امام ابو حامد محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: مصيبت جي شروعات ۾ صبر و تحمل هڪ مشڪل ڪم آهي ۽ پهرين صدمي جي وقت نفس کي قابو رکڻ تمام گهڻو مشڪل آهي، اهڙي وقت ۾ پنهنجي نفس کي هيئن چئو: اي نفس! هيءَ مصيبت تہ مٿان اچي چڪي آهي ان کي پري ڪرڻ جي هاٿي ڪا صورت ۽ تدبير ڪانهي الله پاڪ هن کان بہ وڏين وڏين مصيبتن کان توکي نجات ڏئي چڪو آهي ڇوتہ آفتون ۽

بلائون ڪيئي طرح جون هونديون آهن. هن مصيبت ۾ تڪليف کي به الله پاڪ پري ڪندو پوءِ اي نفس! ڪجهه دير صبر جي دامن کي مضبوطي سان پڪڙ، توکي هن جي بدلي هميشه واري خوشي ۽ گهڻو ثواب عطا ٿيندو. ۾ حقيقت اها آهي ته صبر و تحمل ڪرڻ سان ڪا مصيبت مصيبت ناهي رهندي، رڳو توهان پنهنجي زبان کي اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ چوڻ ۾ دل کي هن شيءِ جي ياد ۾ لڳائي ڇڏيو جنهن جي بدولت توهان کي بارگاهِ الٰهي مان اجر حاصل ٿئي ۽ مضبوط ارادي وارن انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام ۽ اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ اللّٰه جو وڏين وڏين مصيبتن تي صبر ڪرڻ ياد رکو.

امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ٿورو اڳتي هلي وڌيڪ فرمائن ٿا: جڏهن توهان ڏسو ته الله پاڪ توهان کان دنيا روڪي رهيو آهي يا توهان تي مصيبتون ۽ تڪليفون وڌائي رهيو آهي ته يقين ڪيو ته توهان الله پاڪ وٽ عزت ۽ بلند مقام وارا آهيو ۽ اهو توهان کي پنهنجي دوستن جي طريقي تي هلائي رهيو آهي، بيشڪ توهان اُن جي نظرِ رحمت ۾ آهيو. (منهاج العابدين ص302، مڪتبة المدينہ)

بنادو صبر و رِضا کا پیکر بنوں خوش آخلاق ایسا سرور
رہے سدا نرم ہی طبیعت نبیِّ رَحمت شفیعِ اُمّت

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صبر جا قِسم ۽ حڪم

(1) شريعت جن ڪمن کان منع ڪيو آهي انهن کان رڪڻ فرض عين آهي.

(2) ناپسنديده ڪم (جيڪي شرعي طور گناهہ نہ هجن اُنهن) کان صبر ڪرڻ مستحب آهي. ❖ تڪليف وارو ڪم جيڪو شرعي طور منع آهي ان تي صبر(يعني خاموشي) منع آهي. مثلاً ڪنهن شخص يا ان جي پٽ جو هٿ ناحق ڪٽيو وڃي تہ ان شخص جو خاموش رهڻ ۽ صبر ڪرڻ منع آهي، ائين ئي جڏهن ڪو شخص برائي جي اِرادي سان ڪنهن جي گهر وارن جي طرف وڌي تہ اُن جي غيرت جاڳي پر غيرت جو اظهار نہ ڪري ۽ گهر وارن سان جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي اُن تي صبر ڪري ۽ قدرت جي باوجود نہ روڪي تہ شريعت هن صبر کي حرام قرار ڏنو آهي. (احياءالعلوم ، جلد۴ ص۲۰٦)

## 900 درجات

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: صبر ٽن قسمن جو هوندو آهي. (1) مصيبت تي صبر (2) طاعت (نيڪ ڪم) تي صبر (3) الله پاڪ جي نافرماني کان صبر. هاڻي جنهن مصيبت تي صبر ڪيو (يعني مصيبت تي واويلو نہ ڪيو) تہ الله پاڪ ان جي لاءِ ٽي سؤ درجا لکندو ۽ هر درجي جي درميان زمين و آسمان جي درميان جيتري مسافت (يعني فاصلو) آهي ۽ جنهن نيڪين تي صبر ڪيو تہ الله پاڪ ان جي لاءِ ڇهہ سؤ درجا لکندو ۽ هر درجي جي درميان ستين زمين کان وٺي عرش جي انتها تائين جو فاصلو آهي ۽ جنهن گناهہ کان صبر ڪيو الله پاڪ اُن جي لاءِ نَوَ سؤ درجا لکندو ۽ هر درجي جي درميان ستين زمين کان وٺي عرش جي انتها تائين جو ٻيڻو فاصلو آهي. (فيضان رياض الصالحين، ص418، مڪتبة المدينہ)

کوئی دُھتکارے یا جھاڑے بلکہ مارے صَبر کر　　مت جھگڑ، مت بڑبڑا، پا اَجر رب سے صبر کر

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ”صبر“ جي ٽن حرفن جي نسبت سان صبر جي متعلق 3 حڪايتون

## 1- رضاءِ مولا اَز همہ اوليٰ

صحابي ابن صحابي، جنتي ابن جنتي حضرت سيّدُنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہ عَنۡھُما جو هڪ پٽ بيمار ٿي پيو ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡهُ ايتري قدر غمگين ٿيا جو ڪجھ ماڻھو چوڻ لڳا: ”اسان کي خوف آهي ته ڪٿي پٽ جي ڪري پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡهُ سان ڪو معاملو نه پيش اچي.“ پوءِ سندس پٽ وفات ڪري ويو. جڏهن حضرت سيّدنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہ عَنۡھُما ان جي جنازي سان وڃي رهيا هئا ته نهايت خوش نظر اچي رهيا هئا. پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡھُما سان هن جو سبب پڇيو ويو ته ارشاد فرمايائون:”منهنجو غم صرف اُن تي شفقت جي ڪري هو ۽ جڏهن الله پاڪ جو حڪم اچي ويو ته مان ان تي راضي ٿي ويس.“ (احياء العلوم، ج5 ص 172)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 2- ڪُڪڙ، گڏھ ۽ ڪتو

حضرت سيّدنا ابو عُڪاشه مسروق ڪوفي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه بيان ڪن ٿا ته هڪ شخص جهنگل ۾ رهندو هيو. ان وٽ هڪ ڪتو، هڪ گڏھ ۽ ڪڪڙ هو. ڪڪڙ گهر وارن کي نماز جي لاءِ جاڳائيندو هو ۽ گڏھ تي اهو پاڻي پري ايندو هو ۽ خيما وغيره لڏيندو هو ۽ ڪتو انهن

جي چوڪيداري ڪندو هو. هڪ ڏينهن بگهڙ آيو ۽ ڪڪڙ کي پڪڙي کڻي ويو، گهر وارن کي هن واقعي تي ڏاڍو صدمو پهتو پر اهو شخص نيڪ هو سُو ان چيو: ”تي سگهي ٿو انهيءَ ۾ اسان جي ڀلائي هجي.“ وري هڪ ڏينهن بگهڙ آيو ۽ گڏهه جو پيٽ چيري ان کي ماري وِڌو هن تي گهر وارن کي ڏاڍو ڏُک ٿيو پر اُن شخص چيو:”ممڪن آهي انهيءَ ۾ اسان جي ڀلائي هجي.“ وري هڪ ڏينهن ڪتُّو بہ مري ويو تہ اُن شخص وري بہ اهو ئي چيو:”ممڪن آهي انهيءَ ۾ اسان جي ڀلائي هجي.“ اڃان ڪجھ ڏينهن ئي گذريا هئا تہ هڪ صبح انهن کي خبر پئي تہ سندن پرپاسي ۾ رهائشي سڀئي ماڻهو قيد ڪيا ويا آهن ۽ صرف هن جو گهر محفوظ رهيو آهي. حضرت سيِّدُنا مسروق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: گرفتار ٿيل تمام ماڻهو ڪتن، گڏهن ۽ ڪڪڙن جي آوازن جي ڪري پڪڙيا ويا. تنهنڪري تقديرِ اِلٰهي جي مطابق انهن جي حق ۾ بهتري انهن جانورن جي هلاڪت ۾ هئي. (احياء العلوم، جلد5 ص173)

(امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن واقعي کي بيان ڪرڻ ڪانپوءِ لکن ٿا: جيڪو الله پاڪ جي پوشيده فضل و ڪرم کي ڄاڻي وٺندو آهي اهو هر حال ۾ ان جي ڪمن تي راضي رهندو آهي.)

مصائب میں کبھی حرفِ شکایت لب پہ مت لانا
وہ کر کے مبتلا بندوں کو اپنے آزماتا ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سڀ کان وڏو عبادت گذار

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** الله پاڪ جا اهڙا اهڙا صابر ٻانها گذريا آهن جن مصيبتن کي اهڙي طرح سيني سان لاتو جو الله پاڪ کان

مصيبت جي ٽري وڃڻ جي دعا ڪرڻ ڪي بہ مقامِ تسليم و رضا جي خلاف سمجهيو جيئن تہ حضرت سيّدنا يونس عَلَيۡهِ السَّلَام حضرت سيّدُنا جبريل اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام کي فرمايو: مان سڄي زمين جي سڀ کان وڏي عابد (يعني عبادت گذار) کي ڏسڻ ٿو چاهيان. حضرت سيّدنا جبريل اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام کي هڪ اهڙي شخص وٽ وٺي ويا جنهن جا هٿ پير جُذام(يعني ڪوڙھ) جي ڪري ڳري سڙي چڪا هئا ۽ اهو زبان سان چئي رهيو هو، ياالله پاڪ! تو جيسيتائين چاهيو هنن عضون سان مون کي فائدو بخشيو ۽ جڏهن چاهيو هنن عضون سان محروم ڪيو ۽ منهنجي اُمّيد صرف پنهنجي ذات ۾ باقي رکي، اي منهنجا پروردگار! منهنجو مقصد تہ صرف تون ئي تون آهين. حضرت سيّدنا يونس عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو: اي جبريل اَمين! مون تہ توکي نمازي روزيدار شخص ڏيکارڻ جو چيو هو. حضرت سيّدنا جبريل اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام جواب ڏنو: هِن مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ کان پهريان هيءُ بہ نمازي ۽ روزيدار ئي هو، هاڻي مونکي حڪم مليو آهي تہ هن جي اکين جي روشني بہ ختم ڪيان. تہ پوءِ حضرت سيّدنا جبريل اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام اشارو ڪيو ۽ ان جي اکين جي روشني ختم ٿي وئي! پر عابد زبان مان اها ئي ڳالھ ورجائي. "ياالله پاڪ! جيسيتائين تو چاهيو هنن اکين سان مون کي فائدو بخشيو ۽ جڏهن چاهيو انهن کي واپس ورتو. اي الله پاڪ! منهنجي اُمّيد گاھ صِرف پنهنجي ذات کي رکيو، منهنجو مقصود صرف تون ئي تون آهين." حضرت سيّدنا جبريل اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام عابد کي چيو، اَچ! اسان گڏجي دعا ڪيون ٿا تہ الله پاڪ توکي ٻيهر اکيون ۽ هٿ پير موٽائي ڏي ۽ تون پهريان وانگر عبادت ڪرڻ لڳين. عابد چيو، هرگز نہ. حضرت

سيّدنا جبريل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو، آخر چو نہ؟ عابد جواب ڏنو، جڏهن منهنجي اللّٰه پاڪ جي رضا انهيءَ ۾ آهي تہ مونکي صِحّت ڪانہ کپي. حضرت سيّدنا يونس عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو، واقعي مون ڪنهن بئي شخص کي هن کان وڌيڪ عابد نہ پاتو. حضرت سيّدنا جبريل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام چيو: هي اهو رستو آهي جو رضاءِ الٰهي تائين پهچڻ لاءِ هن کان بهتر ڪوبہ رستو ناهي. (روضُ الرياحين، ص 155)

جے سوہنا مرے دُکھ وِچ راضی      میں سکھ نُوں چُلّھے پاواں

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! صابر هجي تہ اهڙو! آخر ڪهڙي مصيبت اهڙي هئي جيڪا اُن بزرگ جي وجود ۾ نہ هئي ايستائين جو اکين جهڙي روشني کان محروم ٿي ويا پر اُن جي صبر ۾ ذرّي برابر بہ فرق ڪونہ آيو، اهو ”رضاءِ الٰهي تي راضي“ جي اُن عظيم مرتبي تي فائز هيو جو اللّٰه پاڪ سان شفا طلب ڪرڻ جي لاءِ بہ تيار نہ هيو تہ جڏهن اللّٰه پاڪ بيمار ڪرڻ منظور فرمايو آهي تہ مان تندرست ٿيڻ نٿو چاهيان.

سُبْحٰنَ اللّٰـه! هيءُ انهن جو ئي حصّو هو. ائين اللّٰه وارن جو مقولو آهي: نَحنُ نَفرَحُ بِالبَلَاءِ کَمَا يَفرَحُ اَهلُ الدُّنيَا بِالنِّعَمِ يعني اسان بلائن ۽ مصيبتن جي ملڻ تي ائين ئي خوش ٿيندا آهيون جيئن دنيا وارا دنيا جون نعمتون هٿ اچڻ تي خوش ٿيندا آهن. ياد رهي! مصيبت ڪڏهن ڪڏهن مؤمن جي حق ۾ رحمت هوندي آهي ۽ صبر ڪري عظيم اجر ڪمائڻ ۽ بي حساب جنّت ۾ وڃڻ جو موقعو فراهم ڪندي آهي.

## هڪ ڪنڊو لڳڻ تي صبر جو اجر

جيئن ته صحابي ابن صحابي، جنتي ابن جنتي حضرت سيّدنا عبداللّٰه بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنهن جي مال ۽ جان ۾ مصيبت اچي پوءِ اهو ان کي پوشيده رکي ۽ ماڻهن تي ظاهر نه ڪري ته اللّٰه پاڪ تي حق آهي ته ان جي مغفرت فرمائي. (مجمع الزوائد، ج 10 ص 450، حديث:17872) هڪ ٻي روايت ۾ آهي: مُسلمان کي مرض، پريشاني، رنج، اذيت ۽ غم مان جيڪا مصيبت پهچندي آهي ايستائين جو ڪنڊو به لڳندو آهي ته اللّٰه پاڪ ان کي سندس گناهن جو ڪفارو بڻائي ڇڏيندو آهي.
(صحيح البخاري شريف ج4 ص3، حديث:5641)

## اسين آزمائينداسين

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اللّٰه پاڪ قرآنِ ڪريم جي سيپاري 2 سورة بقره آيت نمبر 155 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَلَنَبۡلُوَنَّكُمۡ بِشَىۡءٍ مِّنَ الۡخَـوۡفِ وَالۡجُـوۡعِ

وَنَقۡصٍ مِّنَ الۡاَمۡوَالِ وَالۡاَنۡفُسِ وَالثَّمَرٰتِ‌ؕ وَبَشِّرِ الصّٰبِرِيۡنَۙ ﴿۱۵۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ضرُور اسان اوهان کي آزمائينداسُون ڪُجھ ڊپ ۽ بُک سان ۽ ڪُجھ مالن ۽ جانين ۽ ميون جي گھٽ ڪرڻ سان ۽ خُوشخبرِي ٻُڌاءِ صبر وارن کي.

چُپ کر سین تاں موتی مِلسن، صبر کرے تاں ہیرے
پاگلاں وانگوں رولا پاویں ناں موتی ناں ہیرے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وڇوءَ جي ڏنگڻ تي صبر

**سلسلهءِ عطاريه قادريه** جي عظيم بزرگ حضرت سيّدُنا سَري سقطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان صبر جي متعلق پڇيو ويو ته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه صبر جي متعلق بيان ڪرڻ شروع ڪيو. بيان جي دوران هڪ وڇوءَ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ٽنگ تي لاڳيتو ڏنگيندو رهيو پر پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پُرسڪون رهيا. ڪائنس پڇيو ويو ته هن موذي (يعني تڪليف ڏيڻ واري) کي پري ڇونه ڪيو؟ فرمايائون: مونکي الله پاڪ کان حياءُ اچي رهيو هو ته مان صبر جو بيان ڪريان پر پاڻ صبر نه ڪيان. (احياءالعلوم، جلد4، ص 215)

## صبر ڪندڙن جا سردار

**جنتي** صحابي حضرت سيّدنا عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان مروي آهي ته حضرت سيّدنا ايوب عَلَيْهِ السَّلَام قيامت جي ڏينهن صبر ڪرڻ وارن جا سردار هوندا. (ابن عساکر، ذکر من اسمہ: ايوب، ايوب نبيّ الله، جلد66/10)

## رزق جي معاملي ۾ صبر

**امام غزالي** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي مبارڪ زندگي جي سڀ کان آخري ڪتاب ”منهاج العابدين“ ۾ فرمائن ٿا: (الله پاڪ جي عبادت کان روڪڻ ۾ مخلوق جي لاءِ) سڀ کان وڏي رڪاوٽ ”رزق“ آهي ماڻهن رزق جي حصول جي لاءِ پنهنجي جانين کي ٿڪائي ڇڏيو، هن جي فڪر ۾ ماڻهو ايتري قدر مشغول ٿي ويا جو پنهنجون عمرون تائين ضايع ڪري ڇڏيون ۽ ان جي ڪري وڏا وڏا گناهه ڪرڻ کان به نه مڙيا، رزق جي فڪر مخلوق کي الله پاڪ ۽ ان جي عبادت کان دور ڪري دنيا ۽ مخلوق جي خدمت ۾ لڳائي ڇڏيو آهي لهٰذا دنيا ۾ انهن غفلت، نقصان ۽ ذلت و رسوائي ۾ زندگي گذاري ۽ آخرت جي طرف

هتين خالي روانا ٿي رهيا آهن. جيڪڏهن الله پاڪ پنهنجي فضل و ڪرم سان رحم نه فرمايو ته اُتي انهن کي حساب ۽ عذاب جو منهن ڏسڻو پوندو. غور ته ڪيو جو الله پاڪ رزق جي متعلق ڪيتريون آيتون نازل فرمايون ۽ رزق ڏيڻ تي ڪيترو وڏيڪ پنهنجي وعدي، قسم ۽ ضمانت جو ذڪر فرمايو آهي، هن جي باوجود ماڻهن نيڪي جو رستو اختيار نه ڪيو ۽ نه ئي مطمئن ٿيا بلڪ اهي رزق جي ڪري مدهوشي واري ڪيفيت ۾ آهن ۽ انهن کي اهو ئي فڪر لاحق آهي ته ڪٿي صبح يا رات جو ڪاڏو ختم نه ٿي وڃي. (منهاج العابدين، اردو، ص277 ملخصاً تسهيلاً)

ہے صبر تو خزانۂ فردوس بھائیو! شِکوہ نہ عاشِقوں کی زبانوں پہ آسکے

## صبر جو بلند ترين درجو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! صبر جو بلند ترين درجو اِهو آهي ته ماڻهن جي طرفان پهچڻ وارين تڪليفن تي صبر ڪيو وڃي. الله پاڪ جي آخري رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيڪو توهان سان تعلق ٽوڙي، ان سان تعلق جوڙيو، جيڪو توهان کي محروم ڪري ان کي عطا ڪريو ۽ جيڪو توهان تي ظلم ڪري ان کي مُعاف ڪريو.“ ۽ حضرت سيدنا عيسيٰ روح الله عَلَيْهِ السَّلَام ارشاد فرمايو: ”مان توهان کي چوان ٿو ته بُرائي جو بدلو برائي سان نه ڏيو. (احياء العلوم، جلد4/ ص 215 ملخصاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! صبر هڪ ڪَوڙي دوا ۽ اڻ وڻندڙ ڍُڪ آهي پر نهايت برڪت واري شيءِ آهي، هيءَ فائدي وارين شين کي آڻيندي ۽ نقصان ڏيڻ واريون شيون توهان کان پري ڪندي آهي ۽

جڏهن دوا اهڙي بهترين هجي ته عقلمند انسان پاڻ تي زبردستي ڪري اُن کي پي وٺندو آهي ۽ ان جي ڪوڙاڻ کي برداشت ڪندو ۽ چوندو آهي: ڪوڙاڻ هڪ گهڙي جي ۽ راحت سڄي سال جي آهي. (انهيءَ طرح) جڏهن الله پاڪ ڪنهن وقت توهان کان دنيا يا رزق کي روڪي ڇڏي ته توهان چئو: اي نفس! الله پاڪ تنهنجي حالت کي توکان وڌيڪ ڄاڻي ٿو ۽ اهو توتي سڀ کان وڌيڪ مهربان به آهي، جڏهن اهو ڪتي کي گهٽيا هئڻ جي باوجود رزق ڏئي ٿو بلڪ ڪافر کي پنهنجو دشمن هجڻ جي باوجود ڪارائي ٿو ته مان ته ان جو ٻانهو، ان کي سڃاڻڻ وارو ۽ هڪ مڃڻ وارو آهيان ته ڇا اهو مون کي هڪ ماني به نٿو ڏئي سگهي؟ اي نفس! چڱي طرح ڄاڻي وٺ ته اُن تنهنجو رزق ڪنهن وڏي فائدي جي لاءِ ئي روڪيو آهي ۽ عنقريب الله پاڪ تنگي کان پوءِ آساني فرمائيندو رڳو ٿورڙو صبر ڪر پوءِ تون ان جي عاليشان قدرت جا عجائب ڏسندين.

وہ کہ آفات میں مبتلا ہیں جو گرفتارِ رنج و بلا ہیں

فضل سے اُن کو صبر و رضا کی میرے مولیٰ تو خیرات دیدے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

### موت جي دعا گهرڻ ڪيئن؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪي ماڻهو مصيبت اچڻ تي موت جي دعا گهرڻ لڳندا آهن بلڪ ڪي نادان ته قرض ڏيندڙ جي هرهر قرض واپس گهرڻ تي يا دنياوي تعليم حاصل ڪرڻ وارو شاگرد امتحان ۾ فيل ٿيڻ تي يا واپاري جو واپار ۾ گهڻو نقصان ٿيڻ تي يا پسند جي

شادي نہ ٿيڻ تي خودڪشي ڪري وٺندا آهن هرگز ڪڏهن بہ هن گناهہ جي طرف نہ وڃو، ياد رکو! خوڪشي گناهِ ڪبيره حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، خوڪشي ڪرڻ وارا شايد اهو سمجهندا آهن تہ اسان جي جان ڇُٽي ويندي! حالانڪ انهن جي جان ڇٽڻ بدران ربّ تعاليٰ جي ناراضگي جي صورت ۾ نهايت بُري طرح ڦاسي پوندي آهي. خدا جو قسم! خودڪشي جو عذاب برداشت ڪونہ ٿي سگهندو. رضاءِ الٰهي تي راضي رهي صبر ڪيو ۽ اجر ڪمايو. ۽ هيءُ تہ! رنج ۽ مصيبت ڪان گهبرائجي موت جي تمنا ڪرڻ ممنوع آهي. ها شوقِ وصلِ الٰهي (يعني الله پاڪ کان ملاقات جي شوق ۾) ۽ صالحين (يعني نيڪ ٻانهن) سان ملڻ جي شوق ۾ ۽ ديني نقصان يا فتني ۾ پوڻ جي خوف سان موت جي تمنّا ڪرڻ جائز آهي

## موت جي دعا ڪڏهن ڪري سگهو ٿا؟

**والِدِ اعليٰ حضرت،** علامہ مولانا مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن دين ۾ فتنو ڏسو تہ پنهنجي مرڻ جي دُعا گهرڻ جائز آهي. (فضائل دعا، ص 182، مڪتبة المدينہ)

”بهارِ شريعت“ جا مصنف، حضرت علامہ مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مرڻ جي آرزو ڪرڻ ۽ ان جي دعا گهرڻ مڪروه آهي، جڏهن تہ دنياوي تڪليف جي ڪري هجي، مثال طور: زندگي تنگي ۾ گذري ٿي يا دشمن جو انديشو آهي، مال ضايع ٿيڻ جو خوف آهي ۽ جيڪڏهن هيءُ ڳالهيون نہ هجن بلڪ ماڻهن جون حالتون خراب ٿي ويون گناهن ۾ مبتلا آهن ان ڪي بہ خوف آهي تہ ڪٿي گناهہ ۾ مبتلا نہ ٿي وڃي تہ موت جي آرزو ڪرڻ مڪروه ناهي. (بهارِ شريعت جلد3 ص 258) حديثِ پاڪ ۾ آهي: توهان مان ڪو موت جي آرزو نہ ڪري

پر جڏھن تہ نيڪي ڪرڻ تي اعتماد نہ رکندو ھجي. حضور اقدس صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان منقول آھي: اِذَا اَرَدتَّ بِقَوْمٍ فِتْنَةً فَاقْبِضْنِیْ اِلَیْکَ غَیْرَ مَفْتُوْنَ يعني اي الله پاڪ! جڏھن تون ڪنھن قوم تي عذاب ۽ گمراھي جو ارادو فرمائين تہ(انھن جي برن عملن جي ڪري) مونکي بغير فتني جي پنھنجي طرف گھراءِ. (سنن الترمذي، الحديث: 3246، ص 161)

اللہ! اِس سے پہلے ایماں پہ موت دیدے نقصان مرے سبب سے ہو سنّتِ نبی کا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❀ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❀ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل









عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net